SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر Vمجريه 1970
# SINDH ORDINANCE NO. V OF 1970
# اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES TAXATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1970

## فهرست (Contents)

تمهيد
Preamble
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII ۾ "ڊائريڪٽر" ۽ "ڊپٽي ڊائريڪٽر" جي "ڊائريڪٽر جنرل" ۽ "ڊائريڪٽر" سان تبديلي.
Substitution of "Director" and "Deputy Director" by "Director-General" and "Director" in W.P. Act XXXII of 1958
3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي سيڪشن 2 جي ترميم.
Amendment of section 2 of W.P. Act XXXII of 1958

سنڌ آرڊيننس نمبر Vمجريه 1970

# SINDH ORDINANCE NO. V OF 1970

# اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES TAXATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1970

[27 آگسٽ، 1970]

تمهيد
Preamble

اولهه پاڪستان وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ 1958 ۾ ترميم (Amendment) جو آرڊيننس

جيئن ته اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 کي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٽي پئي آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هي آرڊيننس اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII ۾ "ڊائريڪٽر" ۽ "ڊپٽي ڊائريڪٽر" جي "ڊائريڪٽر جنرل" ۽ "ڊائريڪٽر" سان تبديلي.

2. اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾، صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ايڪٽ ۾ جاڻايل لفظ "ڊائريڪٽر"، ۽ "ڊپٽي ڊائريڪٽر" جتي به اچي، اهي لفظ "ڊائريڪٽر جنرل"، ۽ "ڊائريڪٽر" ترتيبوار تبديل (Substituted) ويندا.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي سيڪشن 2 جي ترميم.

Amendment of section 2 of W.P. Act XXXII of 1958

3. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه 2- (Section-2) ۾، شق (g) ۽ (h) لاءِ، هيٺيون شقون (Clauses) متبادل هوندیون، يعني:-

"(g) 'ڊائريڪٽر جنرل' مطلب حڪومت طرفان ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڪاتي جي اڳواڻ طور مقرر ڪيل عملدار، ۽

"(h) 'ڊائريڪٽر' مطلب حڪومت طرفان ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جي ڊائريڪٽر طور مقرر ڪيل هڪ عملدار، ۽ حڪومت طرفان هن ايڪٽ تحت ڊائريڪٽر جا فرض انجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل هڪ عملدار شامل آهي.

**نوٽ:-** ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.